*ڊاڪٽر محمد طفيل چانڊيو

# مرڪان شيخڻ: سنڌي ادب جي پهرين عورت شاعره

# MARKHAN SHAIKAN: THE FIRST WOMAN POETESS OF SINDHI LITERATURE

This paper analyzes the place and contribution of Markhan Shaikhan as the first woman poetess in the recorded annals of Sindhi literature. She died around 1335 AD at the southern part of Badin District. Markhan Shaikhan, by caste Pani, and her husband Radhan, by caste Chawaro, embraced Islam at the hand of Saint Qarhio Bhandari.For the rest of her life, she remained a devoted disciple of her spiritual leader. Markhan composed poetry to pay homage to her spiritual leader, Murshid, which paved the way for a genre of Sindhi poetry known as Dhanasiri – praising a Spiritual leader. Thus, she is not only the first woman poetess in Sindhi literature, but she is also known as a forerunner of the Dhanasiri poetic genre. Her poetry is ripened with historical allusions, geographical places and references, regional fauna and flora, economic stability and sociological prosperity, delta enrichment of the terrain, cultural norms, religious preaching and activism. Her poetry bears testimony to the richness of the delta spread over 6 lac acres and mangrove trees spread over 1 lac and 60 thousand acres of land. In addition, her poetry is replete with references where a woman's agency is found to be very active, independent and autonomous. Her poetry immensely influenced the poetic song sung by the women of the Soomra community at the temple of Dodo Soomro. Her poetry is a historical document testifying to the economic prosperity, cultural richness and social peace pervading the Laar region of Sindh during the fourteenth century.

* ايسوسيئيٽ پروفيسر، انگريزي شعبو سنڌ يونيورسٽي، لاڙ ڪيمپس، بدين



سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت وارو دؤر (1010 کان 1351ع) سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ابتدائي حيثيت رکي ٿو. هن دؤر ۾ سنڌي ادب خصوصا شاعري جي اؤسر ٿي، جنهن ۾ ڳيچ، ڳاهہ گنان شامل آهن. شاهہ عبداللطيف جن ستن سورمين کي ڳايو آهي، اهي قصا بہ سومرن جي دؤر جي ادب ۾ موجود آهن. اهي ئي قصا هئا، جن کي شاهہ لطيف پنهنجي شاعري ۾ عروج بخشيو.

سنڌي شاعري ۾ هر صنف کي ڪنهن نہ ڪنهن موجد سان جوڙيو ويو آهي. ڳاهہ پٿن ۽ پانن سان منسوب آهن، ساڳي ريت ڳيچ مرڪان شيخڻ سان، گنان پير نورالدين سان، هجو ۽ مرثيو سيد ثابت علي شاهہ سان، بيت قاضي قادن سان، وائي مخدوم شاهہ عنايت رضوي سان، غزل نور محمد خستہ سان، نظم مير عبدالحسين سانگي سان، ڪافي شيخ لاڏجيو سان، مدح جمن چارڻ سان، مناجات عبدالله عرف ميان موريو سان، مولود ميان شاهہ عنايت رضوي سان، مناقبو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سان، معجزو محمد هاشم ٺٽوي سان، هائيڪو نارائڻ شيام سان، الفاشب مخدوم پير محمد لکوي سان، پنجڪڙو پرڀو ناشاد، دوهو شيخ حماد جمالي، تجريدي نظم پيراڻو ڀنڀرو سان، سينگار جلال کٽي سان، نڙ بيت سانوڻ فقير سان، ڏوهيڙا حفيظ تيوڻو (اکين کان محروم)، قطعہ زيب عاقلي اصل نالو عبدالحق سومرو سان، مسدس الله بخش ابوجهو ترائيل هريدلگير سان، آزاد نظم شيخ عبدالرزاق راز سان، قصيدو مخدوم ابوالحسن ٺٽوي سان، رباعي سيد ثابت علي شاهہ سان، گهڙولي سچل سرمست سان، جهولڻو بہ سچل سرمست سان منسوب ٿيل آهي.

سنڌي ادب جو ڪيتريون ئي اهڙيون صنفون آهن، جيڪي عورتن جون چيل آهن جن ۾ ڳيچ، سهرا، لولي، لوڪ گيت، ڪوڏاڻا، انيڪ چوڻيون ۽ ٻاراڻا ٻول شامل آهن. سنڌي ادب جي تاريخ ۾ شاعريءَ جي شروعات سومرن جي دؤر کان ٿئي ٿي ۽ مرڪان شيخڻ کي سنڌي ٻولي جي پهرين شاعره تصور ڪيو وڃي ٿو. سندس شاعري جو ڪتاب محمد سومار شيخ ”ڪلام مرڪان شيخڻ“ جي نالي سان 1971 ۾ جيلاني پبليڪيشن بدين طرفان شايع ڪيو هو.

بدين ۽ انهي جي پرپاسي واري علائقي ۾ ڪافي شاعر پيدا ٿيا، پر انهن جو ڪم محفوظ نہ ٿي سگهيو آهي. عبدالطيف ڪيسر، اورنگزيب جي دؤر ۾ هتي تدريس جو ڪم ڪندو هو. پيروز فقير جيڪو شاهہ عبدالڪريم بلڙي واري جو همعصر هو ۽ هر جمع تي بلڙي وڃي سائين سان ملاقات ڪندو هو. سيد سليمان

ڪلهوڙن جي دؤر جو شاعر هو جنهن مانڌر جي سردار، تاجن منڌري کي پِٽ پاراتا ڏنا هئا. تاجن منڌرو کي پوءِ نور محمد ڪلهوڙي ڪانجي جي ڪوٽ وٽ حملو ڪري پهرين قيد ڪرايو پر پوءِ ڪيس قتل ڪرائي ڇڏيو هو. ٻيڏاٽي مهراڻ پوٽو جي شاعري ۾ پڻ تاجن منڌري جي حملي جو ذڪر آهي:

نڪو آگم اپ ۾، نڪا پئي ڦڙي،
ڪلهوڙي ڪانجي ڪٽيو، سانڍي جئين سُري.

(شيخ، 1971، 9)

انهي ڪان علاوه عالم خان ٽالپر، ميرن جي دؤر جو شاعر آهي جنهن کي مير صوبدار ساڪرو واري جاگير ڏني. ساڳي دؤر ۾ فقير الله بخش لُنڊ، پير قرهيي پاٻداري جو شيخ، بخشيديري جو ڪنيار، جمعو لنڊ ۽ هاشم ڪٽي جهڙا شاعر ٿي گذريا آهن، پر انهن جو ڪلام سهيڙجي نہ سگهيو جنهن جي نتيجي ۾ هي سڀ ڪردار تاريخ جي دز ۾ دزجي ويا آهن. لاڙ خطي جي اهڙي ئي هڪ اهم شخصيت مرڪان شيخڻ آهي جيڪا نہ صرف پنهنجي پر ۾ هڪ تاريخي حيثيت رکي ٿي پر انهي جي پنهنجي هڪ جداگانہ حيثيت آهي.

مرڪان شيخڻ اصل ۾ موجودھ بدين ضلعي جي ڏاڪٽي پاسي ۾ مانجهي بندر جي رهواسي هئي. مانجهي بندر اصل ۾ سنڌو درياءُ جي هڪ ڇاڙيا وهڪري "ريڻ درياءُ" تي هو. مرڪان جي گهرواري جو نالو راڏڻ فقير هو جيڪو ذات جو ڇاوڙو هو ۽ مائي مرڪان پاڻ ذات جي "پٽي" هئي. سندس گهر 10 ڪان 12 ايڪڙن جي پلاٽ تي، پير قرهيي پاٻداري جي درگاھ جي اوير ۾ موجود آهي. راڏڻ فقير ۽ مائي مرڪان پير قرهيي پاٻداري جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو ۽ پوءِ هو "شيخ" سڏجڻ لڳا .(شيخ، 1978، 20)

پير قرهيو پاٻداري جو تعلق تصوف جي چشتي طريقي سان هو (شيخ (2)، (1978). سندس شجرو جميل شاھ گرناري عرف "ڏاتار پير" سان جڙي ٿو. سندس مقبرو ميان غلام شاھ ڪلهوڙي ٺهرايو هو. جيڪو روپاماڙي ڪان ٽي ميل ڏکڻ-اولھ طرف آهي (شيخ (3)، 1980). چشتي سلسلي ۾ سماع جي محفل ڪرڻ جي روايت عام آهي، جنهن جا حوالا مرڪان جي شاعري ۾پڻ ملن ٿا. جڏهن تہ هاڻي سندس ڪجھ مريد نقشبندي طريقي سان لاڳاپجي ويا آهن، تنهن ڪري انهن ۾ سماع ڪرڻ واري روايت رڪجي ويئي آهي.



محمد سومار شيخ مرڪان شيخڻ جي باري ۾ لکن ٿا تہ:

مَرڪان شيخڻ، سومرن جي ڏينهن جي شاعره آهي. سندس گيت درگاھ شيخ پير قرهيو پاٻداري سان وابستہ آهن. مذڪوره پير اٽڪل 1300ع يا 700 ھ يا ٿوري اڳ 696 ھ ڌاري وفات ڪري ويو. مَرڪان پنهنجي مرشد جي وفات کان پوءِ بہ گهٽ ۾ گهٽ 25-35 سال زنده رهي هوندي. سندس ڪلام ۾ اهڙا اشارا ملن ٿا. (شيخ، 1971، 17)

اهڙي ريت هن جو موت تقريبا 1330ع يا 1335 ڌاري ٿيو هوندو. مرڪان شيخڻ پنهنجي مرشد جي شان ۾ ڪافي ڏناسري شاعري ڪئي آهي، جيڪا سنڌي ادب جي دستاويزي تاريخ ۾ اوائلي مقام رکي ٿي، ۽ جنهن جي ڪري کيس سنڌي ادب جي پهرين عورت شاعر جي طور تي سڃاتو وڃي ٿو. انهي ڪان علاوھ هو اوائلي ڏناسري شاعري ۾ هڪ اهم مقام رکي ٿي، جنهن ۾ هوءَ پنهنجي مرشد جي تعريف ڪري ٿي.

## مرڪان شيخڻ جي ڪلام ۾ خطي جي تاريخ جو ذڪر

'مرڪان' سومرن جي دؤر جي آخر ۽ سما دؤر جي شروعات واري وقت اندر شاعري ڪئي، هن کي پنهنجي مقامي سماجي اؤسر جو ادراڪ هو. سما بادشاھ پاڻ کي ڄام سڏرائيندا هئا تہ هن بہ پنهنجي مرشد کي "ڄام" جي نالي سان پڪاريو آهي:

مريد ني تنهنجا ڏس ۾، آور جا ڄاما. (شيخ، 1971، 16)

پير قرهيو پاٻداري ٺٽي جي اوير ۾ پير پٺي جي مزار پرسان آور جبل تي پير چنچل جي گهر تقريبا 605 هجري سن ڌاري پيدا ٿيا هئا. انهي ڪري مرڪان پنهنجي مرشد کي ڪٿي "آور جا ڄاما" چئي مخاطب ٿئي ٿي.

مرڪان پير جميل شاھ گرناري کي "ڄام ڏاتار" ڪري ڪوٺيو آهي. پير جميل شاھ گرناري ۽ پير قرهيو پاٻداري هڪ ئي شجره نصب سان واڳيل آهن. پير جميل شاھ جي پٽ لونگ شاھ مان، پير چنچل ڄائو ۽ پير چنچل مان پير قرهيو پاٻداري پيدا ٿيو. مرڪان ٻنهي کي گڏي بہ ڳايو آهي.

پير سيئي مصريون، هلو ڄام ڏاتار تي،
ڄامان سائين، ميلو لڳو آهي، سائي سومار جو.
ڄامان سائين، ميلو لڳو آهي، قرهيل پير جو.
(شيخ، 1971، 28)

درگاهہ جي ڏکڻ واري پاسي کان کير جون ديڳون چڙهنديون هيون، جتي سڀ مريد اچي کري کير جي چُڪي پيئندا هئا. لڳي ٿو تہ انهي وقت اجان چانهہ جو رواج عام ڪونہ ٿيو هو.

لکين ني ديڳون چڙهن،
ڪاچيليئن پاسي، کير جون ڪڙهن.
(شيخ ،1971، 2_3)

انهي ڪري هو کيس "کيرن وارو پير" ڪري پڻ مخاطب ٿئي ٿي.

ريڻ دريا جي ڪپ تي، قرهيو پانداري جي مقبري کان ڏکڻ اوڀر طرف مانجهي شهر هو، جتي ملاح رهندا هئا. پير قرهيو پانداري اتي ڪافي وقت گذاريو. انهي ڪري هو کيس "مانجهي جو مير" ڪري مخاطب ڪري ٿي.

مانجهي واري جي ملي ٿي رهاڻ، (شيخ،1971،، 8)

اٿو ڙي ڏسو اُمَتِيا، پير مانجهيءَ وارو! (شيخ، 1971، 11)

درگاهہ جي اتر طرف کان هڪ سيم هئي جنهن جو نالو "رڪال" هو، جتي پير صاحب جي مينهن چرندي هئي. انهي ڪري مرکان کيس "رڪال وارو پير" ڪري پڻ ڪوٺيو آهي:

اٿو ڙي ڏسيو امتيا، پير 'آور' وارو. (شيخ،1971 ، 11)

پير قرهيي جون مينهون مانجهي شهر جي پرسان "چانداٺي" سيم نالي زمين ۾ چرنديون هيون ۽ پير صاحب جي ڏراڙ جو نالو ڪيرو هو. مرکان انهي جو بہ ذڪر ڪيو:

مينهون هي منهنجي پير جون چرن چاٽڊاني وچ (شيخ، 1971)، 2)

مرکان پنهنجي شاعري ۾ انهي دؤر جي وٽن، ٻوٽن ۽ گاهن جو ذڪر ڪيو آهي. هوءَ مرشد جي لاٽن کي بہ ليار ڪري ٿي پائي، ۽ ڄارين جا وڻ مرشد سان نسبت هجن ڪري ڄامرين جهڙا ٿي پيا آهن. هڪ ٻيو سبب بہ آهي تہ لاٽا آخر ۾ ليار جهڙا ڳاڙها ٿي ويندا آهن.

لاٽا تہ تنهنجا لال ليور،
ڄاريون تہ ڄام تنهنجون ڄامريون.
(شيخ،1971، 27)

پير صاحب جو ٻيڙو ڳنو ڊوري جي الهندي پاسي هڪ ڳُن وٽ ٻينل هوندو هو ۽ پاڻ اتان ئي سفر جي لاءِ روانا ٿيندا هئا.



ٻيڙو قرهيل پير جو،
زوران زور پريو.
ست مبارڪون شيخن کي،
جنين جي پاس لڙيو.(شيخ ،1971، 13)

چشتي سلسلي ۾ سماع جي محفل ٿيندي هئي، جنهن ۾ شاعري کي ڳايو ويندو هو ۽ ذڪر اذڪار ڪيو ويندو:

ٻَير قون مونجي پِير جون
قُلبان وڃان
سونهَن سماع وچ
جنين جو شاني، نڪو ٿَل...

مريد منهنجي قرهيل جا
قلبان وڃان
اچن وچينءَ ويل
جنين جو شاني نڪو ٿَل...
قلبان وڃان

دهل منهنجي پير جا
سونهن سماعِ وچ
جن جو شاني نڪو ٿَل...
قلبان وڃان

دُنبا گهيٽا قرهيل جا
سونهن سماع وچ
جن جو شاني نڪو ٿُل.
قلبان وڃان (شيخ ،1971، 18_19)

پير قرهيو پانداري ۽ سندس مريد ٻيڙي تي چڙهي سنڌ ۾ اسلام جي دعوت ڏيڻ ويندا هئا:

مريد پير جا،
سنڌ تي چڙهيا،
سنڌ تي چڙهيا،
پيٺي پار وريا.
روضي مهندان رسول جي،
ڪلمون پاڪ پڙهيا.

بيرقون منهنجي پير جون،
سنڌ تي چڙهيون،
سنڌ تي چڙهيون،
پيٽي پار وريون،
روضي مهندان رسول جي،
ڪلمون پاڪ پڙهيون.

خليفا پنهنجي قرهيل جا
سنڌ تي چڙهيا،
سنڌ تي چڙهيا،
پيٽي پار وريا،
روضي مهندان رسول جي،
ڪلمون پاڪ پڙهيا. (شيخ،1978، 5)

**ڏناسري شاعري**

ڏناسري شاعري ۾ مرڪان جو ڪم اوائلي ۽ اهم آهي. مرڪان ڪان پوءِ ڪيترن ئي شاعرن ڏناسري شاعري ۾ ملهايو آهي، پر انهي جي وزنائتي شروعات مرڪان ڪان ٿئي تي پوءِ شاهہ عنايت رضوي وٽ اچي موثر تي پوي ٿي. سنڌ جي انيڪ ننڍين توڙي وڏن شاعرن ڏناسري شاعري ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي.

**سچ چان تہ پانڌاري آيو**
**سچ چان تہ مرشد آيو.** (شيخ،1971، 12)

**مرشد جي هندوري جي تعريف:**

**لوڏو ڏي، هير جو هندورو،**
**لوڏو ڏي، پير جو هندورو.** (شيخ، 1971، 4)

**مرشد جي مقام جي تعريف:**

**پير والايت وارو،**
**هوندم ساڻ حضور.**
**جنين جي نيڻن واسيو نور،**
**پير والايت وارو.** (شيخ ،1971، 10)

**مرشد جي سفر جي واڪاڻ:**

**جيئن قرهيل! لوڏون ڪندين سنڌ ۾**(شيخ 1971، 7)



**مرشد جي سوپ جو ذڪر:**

**اسان جو مرشد سوپ ڪٽي آيو.** (شيخ، 1971، 13)

**سماجي آسودگي جي دعا:**

ماٽيئن ني ڏجيم مکڻ،
انين ني ڏجم پل. (شيخ، 1971،2

**(انين جو مطلب ٿيندو تہ ان يا چانور جي پوک کي پل ڏجين.)**

**مرشد جي تعريف:**

لوڏو ڏي هير جو هندورو،
لوڏو ڏي پير جو هندورو.

ڍورو قرهيل جو،
آهي ساري سون جو،
لوڏو ڏي هير جو هندورو،
لوڏو ڏي پير جو هندورو.

مور مرشد جا،
آهن ساري سون جا،
لوڏو ڏي هير جو هندورو،
لوڏو ڏي پير جو هندورو.

مريد پانڌاري جا،
آهن ساري سون جا،
لوڏو ڏي هير جو هندورو،
لوڏو ڏي پير جو هندورو.

مريد قرهيل جا،
آهن ساري سون جا،
لوڏو ڏي هير جو هندورو،
لوڏو ڏي پير جو هندورو. (شيخ،1971 ، 4_5)

**مرشد جو مقبرو ۽ درد جدائي واري بي قراري:**

**قبي مٿي ڪونجڙي**
**بيٺي لامارا ڏي.** (شيخ 1971، 25)

**مرشد وٽ حاضري:**

آيس عرضياڻي،
وار ۾ خالياڻي،
آءٌ گھوريس، گھوريس،
در پلي جو پيٽيان.
آءٌ گھوريس، گھوريس،
در پانڊاري جو پيٽيان.

اگڻ تي ٻهاريان پير جو،
ڦلڙن ڦانڊ پري،
مور ني مرڪي نڪتو
چتوئن لائي جهڪور،

آيس عرضياڻي،
وار ۾ خالياڻي،
ڪارو ني پالو هٽ ۾،
هوندو شيخن سان همراهه،
جيئين پيرا!

آيس عرضياڻي،
وار ۾ خالياڻي،
خاڪ تي پانيان ڪٽوري،
پٽر پانيان پٽ،
جيئين پيرا!

آيس عرضياڻي،
وار ۾ خالياڻي،
پڪو ني اڏيم پٽ ،
نهاري سڏر پٽ،
ماٽيئن ني ڏجيم مکڻ،
*انهن* ني ڏجم پل، (*انهن* جو مطلب ٿيندو تہ ان يا چانور جي پوڪ کي پل ڏجين)
جيئين پيرا!



آيس عرضياڻي،
وار ۾ خالياڻي،
مينهون ني منهنجي پير جون،
چرن چانڊاڻي وچ،
جيئين پيرا!

آيس عرضياڻي،
وار ۾ خالياڻي،
جيڏيون ني ڏينم مهڻا،
جيئن پيرا! ڪلي ڏينم ڪيرون،
جيئين پيرا!

لکين ني ديڳون چڙهن،
ڪاڇيلئين پاسي ڪير جون ڪڙهن،
جيئين پيرا! (شيخ، 1971، 1-3)

جيتوڻيڪ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکن ٿا تہ مرڪان شيخڻ پاران سندس مرشد جي شان ۾ چيل گيت ـ"شاعري جي فن تي پورا نٿا لهن" (شيخ (1)، 4). پر اها ڪسوٽي بہ رليٽو آهي، ۽ فيمنزم جو نظريو انهي کي چيلنج ڪري ٿو. مرڪان جي ڏناسري شاعري ۾ مرشد جي تعريف سان گڏ ڪافي ٻيا پهلو پڻ شامل آهن. هوءَ ماحولياتي خوشحالي جي لاءِ فڪرمند آهي. هن وٽ گلن، وڻن ۽ ٻوٽن جو ذڪر اهم آهي. هو سماجي خوشحالي جي دعا ڪندي کير ۽ اناج جي ڪثرت جي خواهشمند آهي. هن وٽ وطن جو ادراڪ آهي. هن لاءِ وطن جي مٽي ڪٽوري جيان ۽ پٽر بہ پَٽَ جيترو املهہ آهي. هن کي وارث جي نہ هجڻ جو اونو آهي، جنهن ڪري ڪيس ٻيون عورتون بہ مهڻا ڏين ٿيون. سندس شاعري جا اهي پهلو ڪيس وڏيڪ اهم بڻاين ٿا ۽ هڪ عورت جي حوالي سان انهي جي سماجي ڪردار کي وڌيڪ همہ گير ۽ مؤثر بڻاين ٿا.

شهيد دودي سومري جي حوالي سان ڳايل ’سومرو بهادر‘ عورتن جي ڳيچن تي مرڪان شيخڻ جو اثر آهي. دودي سومري جي شهادت هن خطي لاءِ هڪ المناڪ واقعو هو. سن 700 هجري يا 1300ع ۾ پيش ايندڙ هن وارتا خطي تي ڪافي ناڪاري اثر ڇڏيا. هڪڙا سومرا جنگ ۾ شهيد ٿيا، تہ ٻيا مختلف علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري ويا هئا. سومرن جي خاندانن جون عورتون ڪڇ طرف تحفظ جي تلاش

۾ نڪري ويون هيون. جڏهن جنگ جو ماحول ختم ٿيو تہ سومرا واپس پنهنجي مقامن ۽ ماڳن تي آيا ۽ پنهنجي شهيدن جي قبرن ڪي وسايو ۽ انهي تي ميلا پڻ لڳايا. سومرو عورتن شهيد دودي سلطان جي مقبري تي جيڪا شاعري پڙهڻ شروع ڪئي اها سڏي ريت مرڪان شيخڻ ڪان متاثر ٿيل لڳي ٿي:

مرڪان پنهنجي مرشد لاءِ چوي ٿي تہ

آءِ آيس عرضياڻي، وار م خالياڻي،
آءِ گهوريس، گهوريس، در پلي جو پيٽيان،
آءِ گهوريس، گهوريس، در پانداري جو پيٽيان.
(شيخ,1971,43)

سومري قبيلي جون بهادر عورتون شهيد دودي سلطان جي مقبري تي ڪيس هن طرح ٿيون پيٽا ڏين.

روپا سجي سون جي، آءِ گهوري وڃان،
آءِ گهوريس، در دودل جو پيٽيان.
(شيخ,1971,43)

شيخ مرڪان وصال ڪري ويل مرشد جي نماڻين ۽ سڪون ستل اڪڙين سان مخاطب ٿيندي چوي ٿي تہ

نماڻيون اڪڙيون آنئين ستيون ڪوه ڪريو؟
آنئين ستيون ڪوه ڪريو، نماڻي جو پاڳ وريو،
نماڻيون اڪڙيون آنئين ستيون ڪوه ڪريو؟
چشمن ساڻ چمان، قرهيل چوڙ جهيلو،
نماڻيون اڪڙيون آنئين ستيون ڪوه ڪريو؟
(شيخ,1971,43)

سومرو ڏاڏين ساڳي ڳيت کي ڪجهه هن طرح ڳايو:

ستيون ڪوه ڪريو؟ آنجي جاڳڻ مان جس،
الله ياد ڪريو، نماڻيون اڪڙيون آنئين ستيون ڪوه ڪريو
ستيون ڪوه ڪريون آنئين سيد حسيني جاڳيو
اڪڙيون الا ستيون ڪوه ڪريو؟
(شيخ,1971,43)



مرڪان ڪي سماجي پيچ ڏاهہ جو تمام گهڻو الڪو آهي. شهيد دودي ڪان پوءِ هن خطي ۾ هڪ پريشاني ۽ زوال واري ڪيفيت پيدا ٿي ويئي هئي. ڇو جو ڪا وڏي ليڊرشپ نہ رهي هئي، سنس خواهش هئي تہ ڪو ميرِ ڪاروان هجي، ڪو رهبر هجي، ڪو رهنما ٿئي ۽ هن گگدام انسانن جي رهنمائي ڪري:

قبي مٿي ڪونجڙي،
بيٺي لامارا ڏي،
پهچيم پير سونهارا!
حال مريدن هي،
پهچ قرهيل سونهارا!

حال غريبن هي،
اٿي واهر وسيلو ٿي،
پهچيم پير سونهارا!
حال مريدن هي،
اٿي واهر وسيلو ٿي. (شيخ,1971,25)

## ماحولياتي ادراڪ

سنڌو درياءَ جا مختلف وهڪرا جيڪي اچي ڪري عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندا هئا، انهن هن علائقي کي جيڪا ماحولياتي آسودگي بخشي هئي، اها قابل ستائش هئي. هن پوري علائقي ۾ 6 لک ايڪڙ تي مبني دنيا جو ستين نمبر تي وڏو ڊيلٽا هو جنهن ۾ هڪ لک 60 هزار ايڪڙ تہ رڳو تمر جا ٻيلا هئا. اهي تمر جا ٻيلا دنيا ۾ 5 نمبر تي هئا. مرڪان شيخڻ جي شاعري ۾ انهي ماحولياتي آسودگي جوذڪر ملي ٿو.

هي ڪاندبيرڙي لس،
هي واسيرڙي وس.

آءِ ڪلندي، ڪڏندي اچان،
قرهيل ڏنم سک پار ۾،
آءِ ڪلندي، ڪڏندي اچان،
پانداري ڏنم سک پار ۾،
آءِ ڪلندي، ڪڏندي اچان.

هي واسيرڙي وس
هي ڪاندبيرڙي لس.(شيخ,1971, 6)

اسان اڄ مرڪان شيخڻ جي شاعري کي هڪ دستاويزي ثبوت طور سنڌ جي پاڻي جي ورڇ واري ڪيس جي حوالي سان استعمال ڪري سگهون ٿا. جڏهن هن خطي ۾ پاڻي جي کوٽ ٿئي آهي ته هتي اسان جو لکن ايڪڙن تي مبني ڊيلٽا ۽ انهي ڳڏ تمر جا ٻيلا سڀ پڙ پانگ ٿي ويا آهن. ۽ انهي ۾ رهندڙ لکين جيوت ناياب ٿي ڪري هاڻ ته ناپيد ٿي ويا آهن.

**حاصل نتيجا:**

1. مرڪان شيخڻ نه فقط پهرين عورت شاعر آهي، پر انهي سان ڳڏ اوائلي ڏناسري شاعري جي موجد پڻ آهي.
2. مرڪان شيخڻ جي شاعري خطي ۾ موجود ڪافي جاگرافي ۽ تاريخي واقعن جي اپٽار ڪري ٿي.
3. هن کي خطي جي ماحولياتي خوشحالي جو ادراڪ آهي.
4. هن وٽ سماج ۾ پيدا ٿيندڙ ويڇاٽپ کي ختم ڪرڻ جي لاءِ هڪ سٺي رهنما ۽ رهبر جي هجڻ جو ادراڪ آهي.
5. مرڪان جي گيتن کان متاثر ٿي ڪري، بهادر سومرو عورتن پڻ روپاماڙي تي شهيد دودي سلطان جي مقبري تي اهڙا گيت ناهڻ ۽ ڳائڻ شروع ڪيا. شهيد دودو کي ڏنل پيڙا واري شاعري تي مرڪان شيخڻ جو تمام وڏو اثر آهي.
6. هو شاعري ۾ هڪ خود مختيار عورت جو تصور پيش ڪري ٿي.
7. هوءَ عورت کي پنهنجي اختيار کي ذميداري سان استعمال ڪرڻ جو درس ڏي ٿي.
8. هن جي شاعري هن خطي ۾ پاڻي جي کوٽ سبب پيدا ٿيندڙ ڊيلٽا ۽ تمر جي ٻيلن جي تباهي جي حوالي سان هڪ تاريخي دستاويز آهي.

**تجويزات:**

1. مرڪان شيخڻ کي سنڌي شاعري جي پهرين عورت جو مقام حاصل آهي، پر انهي جي ڪم تي وڌيڪ تحقيق ٿيڻ گهرجي.
2. هن جي شاعري جي تناظر ۾ هتي جي ماڳ مڪانن جي ارڪيالاجيڪل کوٽائي ڪري هن خطي جي تاريخ کي محفوظ ڪيو وڃي.

**حوالا:**

شيخ،محمد سومار. (1971). ڪلام مرڪان شيخڻ. بدين، سنڌ: جيلاني پبليڪيشن.
شيخ،محمد سومار.(1978).شيخ قرهيي پانداري کي ڳائيندڙ شاعر.بدين،سنڌ:لاڙ ادبي سوسائٽي.
شيخ،محمد سومار.(1980).قلم وهي ويو ڪانهن، مير محمد بخش ٽالپر جو تاثراتي نوٽ.